**مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 12 ڊسمبر 2025ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 20 جمادي الاُخريٰ 1447ھ) جمعة المبارڪ جو**

**قرآني بيان**

**بنام**

(سيپارو: 10، سوره توبہ: 40)

# قرآن ۾ صِدِّيقِ اڪبر جو شان

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... غم نہ ڪر! الله اسان سان گڏ آهي
- ✿... صِدِّيقِ اَڪبر هر جاءِ تي ٻاني آهن
- ✿... الله پاڪ جو ساٿ ڪنهن کي ملندو آهي؟
- ✿... غار ۾ سمنڊ ۽ ٻيڙي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

عَنْ أَبِي بَكْرٍ الصِّدِّيقِ، قَالَ: الصَّلَاةُ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم أَمْحَقُ لِلْخَطَايَا مِنَ الْمَاءِ لِلنَّارِ، وَالسَّلَامُ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم أَفْضَلُ مِنْ عِتْقِ الرِّقَابِ۔

مسلمانن جا پهريان خليفه حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنه فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ گناهن کي ايترو جلد مٽائيندو آهي جو پاڻي بہ باهہ کي اوترو جلدي ناهي وسائيندو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ غلام آزاد ڪرڻ کان افضل آهي.[1]

ذاتِ والا پہ بار بار درود | بار بار اور بے شمار درود
رُوئے انور پہ نور بار سلام | زُلفِ اَطہر پہ مُشکبار درود
اے حسنؔ خارِ غم کو دِل سے نکال | غمزدوں کی ہے غم گُسار درود (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْمِ (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:)

---

1 ...تاريخ بغداد، رقم:3607 ، جعفر بن عيسى بن عبدالله...الخ، جلد:7، صفحه:172-
2 ...ذوقِ نعت، صفحه:123-125 ملتقطًا-

اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ (سيپارو: 10، التوبه: 40)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْمُ وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْمُ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪڏهن توهان هن (نبي) جي مدد نہ ڪندؤ تہ اللّٰه سندن جي مدد ڪري چڪو آهي جڏهن ڪافرن سندن کي (انهن جي وطن مان) ڪڍي ڇڏيو هو جڏهن هي ٻن مان ٻيون هو جڏهن ٻئي غار ۾ هئا، جڏهن پاڻ پنهنجي ساٿيءَ کي فرمائي رهيا هئا غم نہ ڪر، بيشڪ اللّٰه اسان سان گڏ آهي تہ اللّٰه ان تي پنهنجي تسڪين نازل فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! 22 جمادي الأُخريٰ يومِ صديقِ اڪبر آهي، يعني ان تاريخ تي سيد الاتقيا (متقين جا سردار)، وزيرِ مصطفيٰ، خليفۂ رسولُ اللّٰه، يارِ غارِ مصطفيٰ، يارِ مزارِ مصطفيٰ، عاشقِ اڪبر، عابدِ اڪبر، زاهدِ اڪبر، سيدنا و مولانا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنه وصال فرمايو، ان ڪري دنيا ڀر ۾ عاشقانِ رسول جمادي الأُخريٰ ۾ حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جي ياد ۾ محفلون سجائيندا، سندن ذڪر خير ٻڌندا، ٻڌائيندا، لنگر پچائيندا ۽ ايصالِ ثواب ڪري نيڪيون ڪمائيندا آهن. ان ڪري اڄ اسان بہ حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جو ذڪرِ خير ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## قرآن ۾ صديق اڪبر جو شان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت صديقِ اَڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنه اها بلند رتبي واري هستي آهن، جن جي فضيلتن ۾ ڪيئي قرآني آيتون نازل ٿيون. ✿ پاڻ اهي ذيشان آهن جن کي قرآنِ ڪريم اَتْقٰي (يعني اُمَّت ۾ سڀ کان وڌو مُتقي)

فرمايو ✿ ڪين اُولُو الْفَضْل (يعني فضيلت وارو) فرمايو ويو ✿ ڪين قرآنِ ڪريم تصديق ڪرڻ وارو فرمايو ✿ ڪين مُتَوَڪِّل (يعني الله پاڪ تي ڀروسو رکڻ وارو) فرمايو ويو ✿ ڪين خائف ڪبريا (يعني الله پاڪ کان گهڻو ڊڄڻ وارو) فرمايو ويو ✿ ڪين قرآنِ ڪريم ۾ صالحُ الْمُؤْمِنِين (يعني نيڪ ايمان وارو) فرمايو ويو ✿ ڪين دين تي ثابت قدم رهڻ وارو فرمايو ويو ✿ قرآنِ ڪريم ۾ سندن هي اوصاف بيان ٿيا: پاڻ الله پاڪ کان محبت ڪرڻ وارا آهن، الله پاڪ ساڻس محبت فرمائيندو آهي پاڻ مومنن تي رحم دل آهن دشمنانِ اسلام تي شدت ڪرڻ وارا آهن ✿ راهِ خدا ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ وارا آهن ۽ ✿ دين جي معاملي ۾ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان خوف ناهن رکندا ✿ حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنه اهي ذيشان آهن، جن جي متعلق ارشاد ٿيو تہ الله پاڪ سندن دل پرهيزگاري لاءِ پرکي ورتو آهي ✿ قرآنِ ڪريم اسان کي ۽ قيامت تائين ايندڙ مسلمانن کي سندن رستي تي هلڻ جو حڪم ڏنو ۽ ✿ سندن شان ۾ الله پاڪ ايتري قدر فرمايو تہ الله پاڪ اوهان کي ايترو اجر عطا فرمائيندو جو اوهان راضي ٿي ويندؤ.

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صدیقِ اکبر کا | ہے یارِ غار محبوبِ خدا صدیق اکبر کا
خدا اِکرام فرماتا ہے اَتقٰی کہہ کے قرآں میں | کریں پھر کیوں نہ اِکرام اَتْقِیَا صدیقِ اکبر کا
گدا صدیق اکبر کا خدا سے فَضْل پاتا ہے | خدا کے فَضْل سے میں ہوں گدا صدّیق اَکبر کا (1)

**وضاحت:** حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جو مرتبو ڪهڙي زبان سان بيان ڪري سگهجي ٿو...؟ جو محبوبِ خدا، محمد مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت صديقِ اڪبر جا يارِ غار آهن. اهلِ تقویٰ (نيڪ مسلمان) سندن عزت ۽ تعظيم

---

[1]... ذوقِ نعت، صفحه:76-77 ملتقطًا.

چو نہ ڪن جو اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ڪين اَتْقٰي (يعني اُمت ۾ سڀ کان وڏو متقي) فرمائي ڪري سندن عزت وڌائي آهي. جيڪو صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جي در جو غلام هجي اهو اللّٰه پاڪ جو فضل ۽ رحمت ماڻيندو آهي ۽ مان ربِ ڪريم جي فضل سان صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جو گدا آهيان.

## صديقِ اڪبر جا نرالا شانَ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جا اهڙا شانَ آهن جيڪي قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيا آهن، اهي ڪيئي آيتون جيڪي سندن شان و عظمت ۾ نازل ٿيون، انهن مان هڪ آيت اها آهي جنهن جو هڪ حصو اسان شروع ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا ثَانِیَ اثْنَیْنِ اِذْ هُمَا فِی الْغَارِ اِذْ یَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَاۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِیْنَتَهٗ عَلَیْهِ

(سيپارو: 10، التوبه: 40)

ترجمو ڪنزُالعرفان: جيڪڏهن توهان هن (نبي) جي مدد نہ ڪندؤ تہ اللّٰه سندن جي مدد ڪري چڪو آهي جڏهن ڪافرن سندن کي (انهن جي وطن مان) ڪڍي ڇڏيو هو جڏهن هي ٻن مان ٻيون هو جڏهن ٻئي غار ۾ هئا، جڏهن پاڻ پنهنجي ساٿيءَ کي فرمائي رهيا هئا غم نہ ڪر، بيشڪ اللّٰه اسان سان گڏ آهي تہ اللّٰه ان تي پنهنجي تسڪين نازل فرمائي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ ۾ حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جا ڪيئي شانَ بيان ٿيا آهن:

# آيتِ ڪريم جو پسِ منظر

سڀ کان پهريان تہ هن آيتِ ڪريمہ جو ڪجھ پسِ منظر سمجهي وٺو! هي آيتِ ڪريمہ سورتِ توبہ ۾ آهي، جيڪڏهن اسان هن آيت کان پويان ڪجھ آيتون پڙهون تہ ان مقام تي غزوهٔ تبوڪ جو ذڪر ٿي رهيو آهي. غزوهٔ تبوڪ هڪ مشڪل غزوه هو، هڪ تہ ڏينهن تمام گرميءَ جا هئا ۽ سفر تمام پري جو هو، صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا مالي حالات بہ ڪجھ گھڻا بهتر نہ هئا، ان باوجود صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ان غزوي ۾ وڌي جان نثاريءَ جو مظاهرو ڪيو، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم 30 هزار جي لشڪر ڪي ساڻ وٺي رومين سان جنگ لاءِ روانا ٿيا. البت ڪجھ صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان اهڙي هئا، جيڪي ان غزوي ۾ شريڪ نہ ٿي سگھيا هئا.

ان پوري پسِ منظر ۾ ان مقام تي صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي دين جي خدمت ڪرڻ ۽ رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت لاءِ تن، من، ڌن جي بازي لڳائڻ جي ترغيب ڏياري وئي. هيءَ آيتِ ڪريمہ جنهن جي وضاحت اسين ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون، ان ۾ هڪ الڳ انداز سان ترغيب ڏياري وئي، ارشاد ٿيو:

| | |
|---|---|
| اِلَّا تَنۡصُرُوۡهُ فَقَدۡ نَصَرَهُ اللّٰهُ<br>(سيپارو: 10، التوبہ: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪڏهن توهان هن (نبي) جي مدد نہ ڪندؤ تہ الله سندن جي مدد ڪري چڪو آهي. |

يعني اي منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا صحابہ! جيڪڏهن اوهان اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مدد، سندن خدمت ۽ سندن لاءِ جان نثاريءَ جو مظاهرو نہ ڪندؤ تہ ياد رکو! اوهان مان ڪو بہ نہ هجي، اسان جي

محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت، سندن مدد، سندن سان وفاداري ۽ جان نثاريءَ جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ صرف هڪ صديق ئي ڪافي آهن. (1)

ڪر ديا سب ڪچھ نچھاور شاہ پر | با ڪمال و باوفا صديق ہيں

## غارِ ثور جو ايمان افروز واقعو

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو واقعو جنهن ڏانهن هن آيتِ ڪريمه ۾ اشارو ڪيو ويو آهي، وڏو مشهور واقعو آهي، سيرت ۽ تاريخ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ موجود آهي، واقعو ڪجهه هن طرح آهي: اعلانِ نبوت جي 13 هين سال رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي مديني جي هجرت جي اجازت عطا فرمائي. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هڪ ٻه ڪري يا پنهنجي پنهنجي حساب سان مڪي شريف کي ڇڏي مديني پاڪ ڏانهن وڃڻ لڳا، ان سلسلي ۾ حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنه ٻه هجرت جو ارادو ڪيو، سفر جي اجازت وٺڻ لاءِ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاتَعۡجَلۡ لَعَلَّ اللّٰهَ يَجۡعَلُ لَكَ صَاحِبًا يعني اي ابوبڪر! جلدي نه ڪر! ٿي سگهي ٿو ته الله پاڪ توکي هڪ هم سفر ڏئي. حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنه معاملو سمجهي ويا، پاڻ 2 ڏاچيون سفر لاءِ تيار ڪرڻ شروع ڪيون، 4 مهينن تائين انهن کي چڱيءَ طرح گاهُ پاڻي ڪارائيندا رهيا، تياريون سڀ مڪمل هيون، بس ان ڏينهن جو انتظار هو، جڏهن قسمت ڪلندي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو رفيقِ سفر بڻجڻ جي سعادت نصيب ٿيندي، ان انتظار ۾ 4 مهينا گذري ويا، آخر اهو ڏينهن به اچي ويو.

---

1... تفسير قرطبی، پاره:10، سورۂ توبہ، زير آيت:40، جز:8، جلد:4، صفحہ:61 ماخوذًا۔دارالفکر

اها پهرين ربيع الاول هئي، منجهند جو وقت هو، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنه جي گهر تشريف وٺي آيا.

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ابوبڪر! مون کي هجرت جو حڪم ڏنو ويو آهي. حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنه فوراً عرض ڪيو: فَالصُّحْبَةُ بِاَبِيْ اَنْتَ وَاُمِّيْ يَا رَسُوْلَ الله! اي الله پاڪ جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان تين؟ ڇا مون کي سفر جو ساٿي بڻجڻ جي سعادت ملندي؟ فرمايائون: ها! (توهان مون سان گڏ هلندؤ). [1]

اهو فرمانِ عالي شان ٻڌي حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنه جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي ويون. صديقه بنتِ صديق حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنها فرمائين ٿيون: مون کي خبر نه هئي ته خوشيءَ جا به ڪي ڳوڙها هوندا آهن، ان ڏينهن پنهنجي والد صاحب حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنه جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا ته خبر پئي ته روئڻ صرف غم جو ناهي ٿيندو، خوشيءَ جو به ٿيندو آهي. [2]

پروانے کو چراغ ہے بلبل کو پھول بس | صدیق کے لئے ہے خدا کا رسول بس [3]

خير! حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنه هجرت لاءِ سمورا ضروري انتظام ڪيا، رات ٿي، صادق و امين نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت علي المرتضیٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنه کي پنهنجي بستري تي سمهاريو، مڪي وارن جون جيڪي امانتون پاڻ وٽ رکيل هيون، اهي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنه جي حوالي فرمايون ۽ نصيحت ڪئي ته امانتون انهن جي مالڪن تائين پهچائي اهي به مديني پاڪ اچي وڃن، اهي انتظام ڪري سرڪارِ عالي وقار،

1 ...مواہب اللدنیا، المقصدالاول، ہجرتہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلہٖ وَ سَلَّم، جلد:1، صفحہ:144-146 خلاصۃً۔
2...تاریخ الخمیس، الطبقۃ الثالث، الرکن الثالث، الفصل الاَوّل، جلد:1، صفحہ:323 بتغیر قلیل۔ pdf
3 ...کلیاتِ اقبال، بانگ درا، صفحہ:253۔

مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي يارِ غار کي ساڻ وٺي سفر تي روانا ٿيا. (1)

روايتن ۾ آهي: رستي ۾ حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جو عجيب انداز رهيو، پاڻ ڪڏهن رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي اڳيان اڳيان هلڻ لڳندا، ڪڏهن ساڄي طرف اچي ويندا، ڪڏهن کابي طرف تي ويندا، ڪڏهن پنيان هلڻ لڳندا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم پڇيو: ابوبڪر! ائين ڇو ٿا ڪيو؟ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! مون کي جڏهن خوف ايندو آهي ته ڪو دشمن اڳيان تاڙ ۾ نه ويٺو هجي ته اوهان جي اڳيان هلڻ لڳندو آهيان ۽ جڏهن اهو خيال ايندو آهي ته ڪو پيڇو ڪرڻ وارو پنيان کان حملو نه ڪري ته اوهان جي پنيان هلڻ لڳندو آهيان. ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: يَا اَبَابَكْر! لَوْ كَانَ شَيْءٌ اَحْبَبْتَ اَنْ يَكُوْنَ لَكَ دُوْنِي؟ يعني اي ابوبڪر! ڇا توهان اهو پسند ڪيو ٿا ته جيڪڏهن ڪا تڪليف پهچي ته توهان کي پهچي مون کي ڪجهه نه ٿئي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ عرض ڪيو: نَعَمْ! وَالَّذِيْ بَعَثَكَ بِالْحَقِّ مَا كَانَتْ لَتَكُنْ مِنْ مَلِمَّةٍ اِلَّا اَحْبَبْتُ اَنْ تَكُوْنَ لِيْ دُوْنَكَ جي ها! يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! اُن رب ذوالجلال جو قسم جنهن اوهان کي سچو نبي بڻائي موڪليو! مان اهو پسند ڪندو آهيان ته ڪا به تڪليف هجي ته اها مون کي پهچي، اوهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم کي ڪجهه به نه ٿئي. (2)

یہ اک جان کیا ہے اگر ہوں کروڑوں
ترے نام پہ سب کو وارا کروں میں (3)

---

1...تاريخ الخميس، الطبقة الثالث، الركن الثالث، الفصل الاول، جلد:1، صفحه:324 خلاصةً۔ pdf ۔
2...دلائل النبوة بيهقى، جماع ابواب المبعث، باب خروج النبى صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم...الخ، جلد2، صفحه:476۔
3 ...سامانِ بخشش، صفحه:152۔

پيادل ئي سفر جاري هو، حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ خدمت ڪندي ڪندي جبلِ ثور جي ويجهو پهتا، جبل جي مٿان وڃي بلندي تي هڪ غار هو، جنهن کي غارِ ثور چوندا آهن، ارادو اهو هو تہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ان غار ۾ لڪي ڪري ترسجي.

الله! الله! عرشِ اعظم جو سينو ٿڌو ڪرڻ وارا پيارا پيارا مبارڪ پير سخت پهاڙن تي هلندي غار تائين پهتا، حضرت صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي عشق کي اها ڳالهہ گوارا نہ ٿي، محبت جي غلبي ۾ پاڻ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ڪلهن تي کنيو ۽ وڏي ناز و انداز سان جبل جي مٿان، بلندي تي غار جي منهن تائين وٺي آيا.

هاڻي غار جي اندر داخل ٿيڻو هو، هتي بہ عشقِ صديق جو الڳ رنگ هو، پهريان پاڻ خود غار جي اندر ويا تہ جيئن اندر ڪا تڪليف ڏيندڙ شيءِ هجي تہ پاڻ کي تڪليف پهچي پر محبوب ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي ٿوري بہ تڪليف نہ پهچي، اندر وڃي پاڻ غار جي صفائي ڪئي، سوراخ وغيره بند ڪيا، پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي اندر اچڻ جي درخواست پيش ڪئي.[1]

اهو خوش نصيب غار آهي جتي رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن يارِ غار 3 ڏينهن گذاريا. صوفياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم فرمائن ٿا: حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ غار ۾ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان اڪيلائي ۾ ائين رهيا جيئن حضورِ انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم معراج ۾ پنهنجي ربِ ڪريم سان قَابَ قَوۡسَیۡنِ (يعني انتهائي قرب جي مقام) تي حاضر ٿيا. اهو غار ان وقت عرش کان افضل هو. هي جڳهہ معراجِ صديق جي هئي.[2]

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صدیق اکبر کا | ہے یارِ غار محبوبِ خدا صدیق اکبر کا

1...مدارج النبوة(مترجم)، قسم دوم، باب چہارم، جلد:2، صفحہ:87۔شبیر برادر
2...تفسیر نعیمی، پارہ:10، سورۂ توبہ ، زیر آیت:40، جلد:10، صفحہ:325 خلاصۃً۔

نبی کا اور خدا کا مدح گو صدیق اکبر ہے | نبی صدیق اکبر کا، خدا صدیق اکبر کا[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقن جا بہ نرالا شانَ هوندا آهن، ان مقام تي امامِ عشق و محبت، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عشق ڏسو! لکن ٿا:

قسمتِ ثَور و حِرا کی حرص ہے | چاہتے ہیں دِل میں گہرا غار ہم[2]

**مفهوم:** يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! ثور ۽ حِرا اهي بلند رتبہ جبل آهن جو اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن جي غارن ۾ قيام فرمايو، اي مڪي مدني محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! مون کي بہ انهن جبلن جهڙي قسمت جي حرص آهي، مان چاهيان ٿو تہ منهنجي دل ۾ گهرو غار ٺهجي وڃي ۽ اوهان ان غار ۾ تشريف وٺي اچو.

سینہ میں جو آ جاؤ بن آئے مرے دل کی | سینہ تو مدینہ ہو دل اس کا ہو شیدائی
دل تو ہو خدا کا گھر سینہ ہو ترا مسکن | پھر کعبہ وطیبہ کی پہلو میں ہو یک جائی[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غم نہ ڪر! الله اسان سان گڏ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي اهو غار جو قيام آهي، جنهن جي متعلق الله پاڪ فرمايو:

ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ (سيپارو: 10، التوبه: 40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: جڏهن هي ٻن مان ٻيون هو، جڏهن ٻئي غار ۾ هئا، جڏهن پاڻ پنهنجي ساٿيءَ کي فرمائي رهيا هئا غم نہ ڪر، بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي تہ الله

1 ... ذوقِ نعت، صفحہ:76۔
2 ...حدائقِ بخشش، صفحہ:85۔
3 ...دیوانِ سالک، صفحہ:50۔

| ان تي پنهنجي تسڪين نازل فرمائي. |
| --- |

روايتن ۾ آهي: مڪي جا ڪافرَ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ڳوليندا ڳوليندا غار تائين اچي پهتا، جڏهن حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اهو ڏٺو ته پاڻ گهبرائجي ويا، ڪين پنهنجي جان جي ته يقينًا فڪر نه هئي، خطرو هو ته رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو هو، ان ڪري ان خوف کان ته ڪفار ته پهچي ويا، هاڻي اهي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي نقصان پهچائيندا، حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، جڏهن رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم يارِ غار کي ائين روئندي ڏٺو ته فرمايائون: [1]

| لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا (سيپارو: 10، التوبه: 40) | ترجموڪنزُ العرفان: غم نه ڪر، بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي. |
| --- | --- |

پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو اهو فرمانِ عالي شان ٻڌڻ جي دير هئي ته حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه کي اطمينان ٿي ويو، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ (سيپارو: 10، التوبه: 40) | ترجموڪنزُالعرفان: ته الله ان تي پنهنجي تسڪين نازل فرمائي. |
| --- | --- |

حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: ان رات کان پوءِ مون کي ڪڏهن ڪنهن به شيءِ جي متعلق خطرو نه ٿيو، نه دين جي معاملي ۾ مون کي ڪڏهن وحشت ٿي. [2]

---

1...تفسير ڪبير، پاره:10، سورة توبه ، زير آيت:40، جلد:6، 5 خلاصته.

2...تفسير درمنثور، پاره:10، سورة توبه ، زير آيت:40، جلد:7، صفحه:371.

# آيتِ ڪريمه ۾ شانِ صديق

پيارا اسلامي ڀائرو! ان آيتِ ڪريمه ۾ مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جا گهڻا ئي شانَ بيان ٿيا آهن، اهي شانَ ته ايترا آهن جو علماءِ ڪرام هن آيت جي تفسير ۾ ان مان معلوم ٿيندڙ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي شانن تي ڪتابَ لکيا آهن، البت! اسان مختصر مختصر طور تي ڪجهه شانَ پڙهون ٿا: بنيادي طور تي هن آيتِ ڪريمه ۾ حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جا 4 خصوصي شانَ بيان ٿيا آهن:

## (1) :ثَانِیَ اثۡنَیۡنِ (2 مان ٻيو)

پهريون شان: الله پاڪ فرمايو:

ثَانِیَ اثۡنَیۡنِ (سيپارو: 10، التوبه: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ٻن مان ٻيون

هي حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي وڏي شان آهي، روايت آهي: هڪ ڀيرو سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ حضرت حسّان بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ کي فرمايو: اي حسّان! ڇا تو منهنجي صديق جي تعريف ۾ به ڪو شعر لکيو آهي؟ عرض ڪيائون: جي ها! يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! فرمايائون: مون کي به ٻڌاءِ! هاڻي حضرت حسّان بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي شان ۾ جيڪي اشعار لکيا، انهن ۾ ٽائٽل سندن انهيءَ وصف کي بڻايو، پاڻ بارگاهِ رسالت ۾ هي شعرَ ٻڌائيندي عرض ڪيو:

وَثَانِیَ اثْنَیْنِ فِی الْغَارِ الْمُنِیفِ وَقَدْ | طَافَ الْعَدُوُّ بِهٖ اِذْ صَاعَدَ الْجَبَلا

**ترجمو:** اي ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنہ! توهان ان بابرڪت غارِ ثور ۾ ثَانِيَ اثْنَيْن يعني 2 مان ٻيا هئا، جڏهن دشمن ان جبل جي چوڌاري چڪر لڳايو ۽ ان تي چڙهيو.

وَكَان حُبَّ رَسُولِ اللهِ قَدْ عَلِمُوا | مِنَ الْبَرِيَّةِ لَمْ يَعْدِلْ بِهِ بَدَلًا

**ترجمو:** سڀ ڄاڻن ٿا تہ رسولُ الله صَلَّى اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ توهان سڀني مخلوق کان وڌيڪ محبوب آهيو، بارگاھِ رسالت ۾ ڪو بہ توهان جي هم پلهہ ناهي.

خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحۡمَةٌ لِّلۡعٰلَمِین صَلَّى اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم هي ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ايترو تہ مُرڪيا جو پاڻ صَلَّى اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جا مبارڪ ڏند نظر اچڻ لڳا، پوءِ ارشاد فرمايائون: اي حسَّان! تو سچ چيو، ابوبڪر اهڙا ئي آهن. (1)

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ جو...!! منهنجا ۽ توهان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم مسجدِ نبوي شريف جي منبر تي ويهي سندن شانَ بيان بہ ڪن ٿا ۽ سندن شان ۾ لکيل اشعار ٻڌي خوشي جو اظهار بہ فرمائن ٿا. الله پاڪ اسان کي بہ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ جا شانَ بيان ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## حضرت صِدّيقِ اڪبر هر مقام تي ثاني آهن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو هي جيڪو پيارو پيارو وصف آهي جو پاڻ 2 مان ٻيا آهن، هي صرف غارِ ثور سان متعلق ناهي جو پاڻ صرف اتي ئي ثَانِيَ اثْنَيْن (2 مان ٻيا) هئا، علماءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡہِم فرمائن ٿا: حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ جي پوري سيرت مبارڪ کي پڙهي

---

[1]... طبقات الکبریٰ، الطبقة الاولی، ابو بکر صدیق، ذکر الغار والہجرة الی المدینہ، جلد:3، صفحہ:129-130۔

ونو! هر جڳهه تي حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه ثانِي (يعني پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کان پوءِ سڀ کان پهريان) آهن ✿ ايمان آڻڻ ۾ ڏسو! بالغ مردن ۾ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه پهريان مسلمان آهن، يعني جڏهن پاڻ ايمان قبول ڪيو ان وقت بالغ مردن ۾ 2 ئي مسلمان هئا: هڪ اللّٰه پاڪ جا آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم، ٻيا حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه ✿ غارِ ثور ۾ به پاڻ ثانِي (يعني ٻيا) آهن ✿ تبليغ دين ۾َ به پاڻ ثاني آهن جو رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کان پوءِ سڀ کان پهريان پاڻ ئي دين جي تبليغ فرمائي ✿ نماز جي امامت ۾ به پاڻ ثاني آهن، هن امت جا پهريان امام رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم آهن ۽ ٻيا امام جن رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي موجودگي ۾ نماز پڙهائڻ جي سعادت حاصل ڪئي حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه ئي آهن ✿ تمام غزوات ۾ به پاڻ هميشه درجا ثاني (يعني ٻئي درجي) تي رهيا ✿ تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ به پاڻ ثاني آهن ته سڀ کان وڏا مُتَّقِي رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم آهن، پاڻ کان پوءِ اُمت ۾ سڀ کان وڏا متقي صِدّيقِ اڪبر آهن ✿ پوءِ ڏسو! گنبدِ خضريٰ ۾ ڪُل 4 مزارن جي جاءِ آهي، هتي دفن ٿيڻ جي اعتبار کان به پاڻ ثاني آهن.

| | |
|---|---|
| ثَانِیَ اثْنَیْن ہیں بُوبکر خدا میرا گواہ | حق مقدَّم کرے پھر کیوں ہوں مؤخَّر صدیق |
| زِیست میں موت میں اور قبر میں ثانی ہی رہے | ثَانِیَ اثْنَیْن کے اس طرح ہیں مظہر صدیق[1] |

**وضاحت:** حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه ثانِيَ اثْنَيْن (يعني پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کان پوءِ سڀ کان پهريان) آهن، ان تي ڪلامِ الٰهي جي گواهي موجود آهي، تنهنڪري جڏهن اللّٰه پاڪ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه کي مُقدَّم فرمايو (يعني افضل ٻڌايو، اول رکيو) آهي ته ڪير آهي جيڪو انهن کي ان رتبي تان

[1]... ديوانِ سالڪ، صفحه:70.

هٿائي پوئتي ڪري سگهي...؟ سندن شان ته هي آهي جو ✿ زندگي ۾ ✿ موت ۾ ✿ قبر ۾ هر جڳهه ثاني ئي آهن، سندن ذات ثَانِيَ اثْنَيْن جي مظهر آهي.

## خليفهءِ اول حضرت صِدّيق آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جو هي وصف ته پاڻ ثَانِيَ اثْنَيْن (2 مان ٻيا) آهن، هن ڳالهه جي به دليل آهي ته پاڻ خلافتِ بِلا فصل (يعني مسلمانن جي پهرين خليفي ٿيڻ جا) حقدار آهن. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري ڪان پوءِ جڏهن صحابهءِ ڪرام عليهمُ الرّضوان جو پاڻ ۾ مشورو ٿيو ته هاڻي خليفو ڪير ٿيندو؟ ان وقت حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ انهيءَ آيتِ ڪريمه ڏانهن توجهه ڏياري صحابهءِ ڪرام عليهمُ الرّضوان تي هي واضح ڪيو ته جن جو شان ثَانِيَ اثْنَيْن آهي، اهي هتي به ثاني هوندا، تنهنڪري رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو پهريون خليفو ٿيڻ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي ئي شان آهي.[(1)]

## (2): بي مثال صحابي

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمه ۾ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي ٻي خصوصي شان هي بيان ٿي ته الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ | ترجموڪنزُالعرفان: جڏهن پاڻ پنهنجي ساٿيءَ کي فرمائي رهيا هئا. |

يعني رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، ڪنهن کي؟ پنهنجي صاحب کي ۽ اهي ڪير هئا؟ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ.

1...بخاری، کتاب الاحکام، باب الاستخلاف، صفحہ:1749-1750، حدیث:7219 خلاصۃً.

هي بہ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ جي تمام وڏي ۽ خصوصي شان آهي. اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جا صحابہ تمام گهڻا آهن، بُلند شانن وارا آهن، البت اها شخصيت جنهن کي الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ صحابيءِ رسول فرمايو هجي، اهي صرف ۽ صرف حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ ئي آهن.

سبھی اَصحاب سے بڑھ کر مقرَّب ذات ہے ان کی
رفیقِ سَرورِ اَرض و سَما صدّیقِ اکبر ہیں (1)

## ماڻهو دوست جي دين تي هوندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ جو صاحِبِ مصطفيٰ (يعني رسولِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو دوست هجڻ) تمام بلند شان آهي ۽ سندن هي ڪمال آهي تہ پاڻ اسلام کان اڳ بہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جا سچا دوست هئا ۽ سندن هيءَ دوستي مڪي شريف ۾ مشهور هئي. هاڻي هتي تورو هڪ حديثِ پاڪ ڏانهن توجهه ڪيو! الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْمَرْءُ عَلٰى دِيْنِ خَلِيْلِهٖ ماڻهو پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي). (2)

سُبْحَانَ الله! ڇا شان آهي! قرآنِ ڪريم حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ کي صاحِبِ رسول (يعني رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو دوستؔ) فرمائي ٿو ۽ حضور فرمائن ٿا: ماڻهو پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي، نتيجو ڇا نڪتو...؟؟ اهو ئي تہ ✿ جنهن کي صِدّيقِ اڪبر جو دين ڏسڻو هجي اهو رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي دين کي ڏسي وٺي ✿ جنهن کي صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ جا

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:566۔

2... مسند ابو داؤد طيالسی، وما اسند ابو ہريره، موسیٰ بن وردان، جلد:4، صفحہ:299 حديث:2696۔

اخلاق ڏسڻا هجن، اهو رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي اخلاقَ کي ڏسي وٺي
✿ جنهن کي صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنه جو علم، عمل، ڪردار، تقويٰ، توڪل، ايمان جي پختگي ڏسڻي هجي، رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان کي ڏسي وٺي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هر هر جڳهه تي، هر هر وصف ۾ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنه جي ذات جي اندر مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فيضانِ صُحبت چمڪندو نظر ايندو.

## (3): الله پاڪ جو خصوصي ساٿ

آيتِ ڪريمه ۾ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنه جو ٽيون شان بيان ٿيو ته رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪينءَ تسلي ڏيندي فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ (سيپارو: 10، التوبه: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي.

الله! الله! ڇا شان آهي حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنه جو...!! غار ۾ صرف رسولِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهن، حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنه آهن ۽ انهن 2 بلند رتبي هستين تي الله پاڪ جي خاص تجليات جو ظهور ٿي رهيو آهي. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هي شرف جيڪو حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنه کي غارِ ثور ۾ نصيب ٿيو ته ڪين الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو خصوصي ساٿ مليو، هي شرف ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلام جي ڪنهن صحابي کي ناهي مليو. (1)

## الله پاڪ جو خصوصي ساٿ ڪنهن کي ملندو آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! امام فَخْرُ الدِّين رَازِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن جڳهه تي عجيب نڪتو بيان ڪيو، پاڻ فرمائن ٿا: غارِ ثور ۾ حضرت صِدّيقِ اڪبر

---

1...تفسير قرطبی، پاره:10، سورهٔ توبہ، زير آيت:40، جلد:4، صفحہ:61 خلاصةً۔

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي الله پاڪ جو خصوصي ساٿ نصيب ٿيو، هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ الله پاڪ جو خصوصي ساٿ ملندو ڪهڙن ماڻهن کي آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو: (1)

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِیْنَ اتَّقَوْا وَّ الَّذِیْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ۠ (۱۲۸) (سيپارو: 14، النحل: 128) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله انهن ماڻهن سان گڏ آهي جيڪي ڊڄندا آهن ۽ اهي جيڪي نيڪيون ڪرڻ وارا آهن. |

**معلوم ٿيو:** جيڪو بہ تقويٰ وارو آهي، نيڪ آهي، ان کي الله پاڪ جو خصوصي ساٿ ملندو آهي ۽ جهڙو ساٿ غارِ ثور ۾ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي مليو، اهڙو ساٿ ڪنهن نبي عَلَیْہِ السَّلام جي ڪنهن بہ صحابي کي نہ ملي سگهيو، ان مان ثابت ٿي ويو تہ جهڙا متقي ۽ جهڙا نيڪوڪار حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ آهن، اهڙو متقي، اهڙو نيڪوڪار ڪنهن امت ۾ ڪو بہ ناهي ٿي سگهيو.

خُدائے پاک کی رحمت سے انسانوں میں ہر اِک سے
فزُوں تَر بعد از کلِ انبیا صدّیقِ اکبر ہیں (2)

**وضاحت:** الله پاڪ جي رحمت سان حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ نبين کان پوءِ تمام انسانن کان افضل ۽ اعليٰ آهن.

## (4): صِدّيقِ اڪبر تي سڪينہ نازل ٿيو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو چوٿون خصوصي شان بيان ٿيو:

| | |
|---|---|
| فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِیْنَتَهٗ عَلَیْهِ (سيپارو: 10، التوبہ: 40) | ترجموڪنزُالعرفان: تہ الله ان تي |

1...تفسير ڪبير، پاره:10، سورهٔ توبہ، زير آيت:40، جلد:16، صفحہ:67 خلاصۃً.
2 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:566.

پنهنجي تسڪين نازل فرمائي.

هي بہ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جو بلند شان آهي. الله پاڪ سندن تي سڪينہ نازل فرمايو، ڪين دلي سڪون ۽ اطمينان عطا فرمايو ويو. (1)

## غار ۾ سمنڊ ۽ ٻيڙي

امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مڪاشفةُ القلوب ۾ نقل فرمائن ٿا: حضرتِ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جڏهن دشمن جي ڏسي ونڻ جو خدشو ظاهر ڪيو تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن هي ماڻهو هتان اندر داخل ٿيا تہ اسين هُتان نڪري وينداسين. عاشقِ اڪبر صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جيئن ئي هوڏانهن نگاهہ ڪئي تہ ٻي طرف هڪ دروازو نظر آيو جنهن سان گڏ هڪ سمنڊ موجون هڻي رهيو هو ۽ غار جي دروازي تي هڪ ٻيڙي ٻَڌل هئي.(2) سُبۡحٰنَ الله!

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي بيشمار شانن ۽ عظمتن مان ڪجهہ جو بيان هو ✿ ڪين سفرِ هجرت ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت جو موقعو نصيب ٿيو ✿ پاڻ رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي جاني قربانين ۽ وفادارين جي لازوال مثال قائم ڪئي ✿ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ٻڌايو تہ توهان ثَانِيَ اثۡنَيۡن (2 مان ٻيا) آهيو ✿ توهان صاحبِ مصطفيٰ (يعني رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا خاص ساٿي ۽ دوست) آهيو ✿ توهان کي الله پاڪ ۽ ان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو خصوصي ساٿ نصيب ٿيو ✿ توهان تي سڪينہ نازل ٿيو. الله پاڪ اسان

---

1 ...تفسيرِ ڪبير، پاره:10، سورهٔ توبہ، زير آيت:40، جلد:6، صفحہ:52۔

2...مڪاشفة القلوب، باب في عداوة الشيطان، صفحہ:78۔

ڪي اهڙي بلند رُتبي صحابيءِ رسول، وزيرِ مصطفيٰ، خليفهءِ رسولُ الله سان سچي پڪي محبت ڪرڻ، سندن اَدب ۽ احترام بجا آڻڻ، سندن نقشِ سيرت مان روشني وٺي پنهنجي زندگي سنوارڻ جي توفيق نصيب فرمائي. 22 جمادي الأخريٰ يومِ صِدّيقِ اڪبر جي موقعي تي پنهنجي گهرن ۾، دڪانن تي، آفيسن ۾ حضرتَ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ لاءِ ايصالِ ثواب جو اهتمام فرمايو! شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تمام پيارو رسالو آهي: عاشِقِ اڪبر. ان طرح سيرتِ صديقِ اڪبر تي مڪتبة المدينہ جو جامع ڪتاب آهي: فيضانِ صِدّيقِ اڪبر، هي بئي ڪتاب مڪتبة المدينہ تان طلب فرمايو! يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان مفت ڊائونلوڊ ڪري وٺو! ۽ يومِ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنہ جي موقعي تي پنهنجي گهر ۾ مختصر محفل ڪريو! پنهنجي اهلِ خانہ ڪي، ٻارن ڪي ويهاري رسالو عاشِقِ اڪبر پڙهي ٻڌايو! تہ جيئن اسان جي نسلن ڪي بہ محبتِ صِدّيقِ اڪبر نصيب ٿئي ۽ اسان دنيا ۽ آخرت ۾ فيضانِ صِدّيقِ اڪبر جا حقدار بڻجي وڃون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تجهيز و تڪفين (ڪفن دفن) ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهن، جن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي: Muslim's Funeral تجهيز و تڪفين ✿ هن ايپلي ڪيشن ۾ ميت جي غسل، ڪفن ۽ دفن وغيره جي متعلق اهم ترين معلومات فراهم ڪئي وئي آهي ✿ ميت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟

ڪفن ڪيئن پهرائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي لاءِ Animated Videos بہ شامل آهن ✿ ميت جي غسل ۽ ڪفن بابت معلومات لاءِ مختلف ٻولين ۾ ڪتاب بہ موجود آهن جن کي باآساني PDF ۾ ڊائونلوڊ ڪري سگهجي ٿو ✿ هن ايپلي ڪيشن ذريعي، توهان دعوتِ اسلامي جي مجلس ڪفن دفن جي اسلامي ڀائرن سان بہ رابطو ڪري سگهو ٿا. ✿ ڪفن دفن جي تمام ضروري شين بابت معلومات ملي سگهي ٿي. توهان بہ هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** ناخن (ننهن) جي برابر انساني کل پاڻي ۾ ڪري پوي تہ پاڻي ناپاڪ ٿي ويندو

**وضاحت:** هي مسئلو ياد رکڻ جو آهي. اڄڪلهہ سياري جو موسم آهي ۽ سياري ۾ عموماً چپن وغيره تي خشڪي ٿي ويندي آهي، جنهن جي سبب چپن جي کل پاپڙيون ٿي لهندي رهندي آهي. ✿ جيڪڏهن هي پاپڙي ننهن جي برابر هجي ۽ ✿ ان ۾ رطوبت (يعني کل جي پنهنجي تري) موجود هجي تہ هي کل ناپاڪ آهي. جيڪڏهن هي کل پاڻي ۾ ڪري پوي تہ پاڻي بہ ناپاڪ ٿي ويندو. [(1)] تنهنڪري هن مسئلي جو لحاظ رکو! ڪجهہ ماڻهو چپن مان لهندڙ هن پاپڙي کي ڳهي بہ ويندا آهن، ان کان بہ بچڻ گهرجي. الله پاڪ

1... فتاویٰ اَہْلِ سنّت (غير مطبوعہ)، ريفرينس نمبر: NOR-7741۔

اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسماء الحسنيٰ جي برڪات (وظيفو)

### يَا مُحْيِي

جنهن کي گڙدي يا پيٽ يا ڪنهن به جڳهه تي سور هجي يا ڪنهن عضوي جي ضايع ٿي وڃڻ جو خوف هجي ته اهو 7 ڀيرا يَا مُحْيِي پڙهي پنهنجي مٿان دم ڪري وٺي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! فائدو ٿيندو. (علاج جي مدت: شفا حاصل ٿيڻ تائين ۽ روزانه گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو هي عمل ڪري).[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مدني پنج سوره، صفحه:253.